# حج سفرِ عشق آهي

**07 May 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

7 مئي 2026ع (بمطابق: 19 ذوالقعده شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حج سفرِ عشق آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... **معذور حاجيءَ جو ايمان افروز واقعو**
- ... **حاجين جي عشق جي اظهار جو انداز**
- ... **حج قبول ٿيڻ جون 3 شرطون**
- ... **سفرِ حج جا بهترين ساٿي**

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبه: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم:

اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً

قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اُهو شخص هوندو جيڪو منهنجي مٿان سيني کان وڌيڪ درود شريف پڙهڻ وارو هوندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! درود پاڪ ڪيڏي نہ اعليٰ نيڪي آهي جنهن جي برڪت سان قربِ مصطفيٰ نصيب ٿيندو آهي. هن حديث پاڪ جي تحت مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُاللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ قيامت جي ڏينهن سيني کان وڌيڪ آرام ۾ اُهو شخص هوندو جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي همراهي (يعني قرب يا ويجهڙائپ) نصيب ٿيڻ جو ذريعو درود شريف جي ڪثرت ڪرڻ آهي.[2]

---

1…ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جافی فضل الصلوۃ…الخ، صفحہ:144، حدیث:484۔

2…مرأۃ المناجیح،جلد:2،صفحہ:100 ۔

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لُوں رضؔا | لَوٹ جاؤں پا کے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں(1)

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحمۃُاللہِ عَلَیہ جو جوشِ عشق ڏسو! پاڻ فرمائي رهيا آهي: اي رضا قيامت ۾ مان عشقِ رسول ۾ محبت ۾ بيخودي جا مزا وٺندس، جڏهن پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ جو دامنِ کرم هٿ ۾ ايندو ته عشق ۾ محبت ۾ جُهومي پوندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باأدَب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معذور حاجيءَ جو ايمان افروز واقعو

حضرت شفيق بلخي رَحمۃُاللہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: مان مکي مکرمہ ڏانهن حج لاءِ وڃي رهيو هئس ته رستي ۾ هڪ ماڻهو ڏٺو، جيڪو معذور هو، گهمڻ ڦرڻ

1…حدائقِ بخشش،صفحہ:104۔

2…بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ڪان لاچار، ريڙهيون پائي مڪي پاڪ ڏانهن وڃي رهيو هو. مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي تہ هي ڪهڙو نہ عجيب ماڻهو آهي، هلڻ کان معذور آهي پر پوءِ بہ ڪيڏي نہ شوق ۽ وارفتگي سان مڪي پاڪ ڏانهن وڃي رهيو آهي.

مان سندس ويجهو ويس ۽ ڪانئس پڇيو: ياءُ! ڪٿان آيا آهيو؟ چوڻ لڳو: مان سمرقند (*Samarkand*) ڪان اچي رهيو آهيان. (سمرقند ازبڪستان جو هڪ صوبو آهي ۽ موجوده نقشي مطابق سمرقند کان مڪي پاڪ جو فاصلو لڳ ڀڳ **4 هزار 4 سؤ 30 ڪلوميٽر** آهي) ايترو ڊگهو سفر ۽ اهو شخص هلڻ کان معذور، ريڙهيون پائيندي وڃي رهيو آهي. حضرت شفيق بَلخي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي تمام گهڻي حيرت ٿي ۽ مون ان کان پڇيو: ڪيترو عرصو ٿيو آهي جو سمرقند کان هليو آهين؟ چوڻ لڳو: **10** سال ٿي چڪا آهن. اِهو ٻڌي تعجب ۽ حيرت جي انتها نہ رهي، حضرت شفيق بلخي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه حيرت مان گهوري ڪري ان خوشنصيب عاشقِ رسول ڏانهن ڏسڻ لڳا. هُن پڇيو: اي شفيق! ڇا ٿا ڏسو؟ فرمايائون: مان تنهنجي ڪمزوري ۽ سفر جي ڊيگهہ کان تمام گهڻو حيران آهيان، ان خوشنصيب عاشقِ رسول ڏاڍو پيارو جواب ڏنو، چوڻ لڳو: اي شفيق بلخي! سفر جي ڊُورِيءَ کي منهنجو شوق گهٽائي ڇڏيندو ۽ جيسيتائين ڳالهہ منهنجي ڪمزوري جي آهي تہ منهنجي ڪمزوري جو سهارو منهنجو مالڪ ۽ مولا آهي. (1)

| | |
|---|---|
| فاصلوں کو تکلُّف ہے ہم سے اگر | ہم بھی بے بس نہیں بے سہارا نہیں |
| خود اُنہی کو پکاریں گے ہم دور سے | راستے میں اگر پاؤں تھک جائیں گے |

1…عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، صفحہ:124۔

سُبۡحٰنَ‌الله! اي عاشقانِ رسول! اوهان ڏٺو تہ معذور حاجيءَ جو جذبو ڪيڏو نہ زبردست آهي، معذور (يعني هلڻ ڪان لاچار) هئڻ جي باوجود ريڙهيون پائي بہ ڪعبي شريف جي زيارت جي شوق ۾ وڃي رهيو آهي، **10** سالن ڪان مڪي پاڪ جي طرف سندس سفر جاري هو، ان جي جذبي ۽ همت تي لکين سلام. هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ بہ وڏي عبرت آهي، اهي نادان مسلمان جيڪي ◈ صحتمند ۽ تندرست هجڻ جي باوجود ◈ مال ۽ دولت هئڻ جي باوجود ◈ استطاعت هئڻ جي باوجود سفرِ حج جي سعادت حاصل نہ ٿا ڪن. معذور حاجي رِڙهندي رِڙهندي وڃي رهيو هو، ان کي گهر مان نِڪتي **10** سال ٿي ويا هئا ۽ اڃان بہ سفر ۾ هو ۽ نادان مسلمان فقط ڪجهہ ڪلاڪن جو سفر ڪرڻ جي بہ همت نہ ٿا ڪن.

ڪاش! اسان کي حج جو شوق نصيب ٿي وڃي، ڪاش...! اسان جي دل ۾ بہ محبتِ الٰهي ۽ عشقِ رسول جي شمع اهڙي طرح ٻري پئي جو اسان سڀ ڪجهہ ڇڏي الله ۽ رسول جي حڪم تي عمل ڪندي حج فرض هئڻ جي صورت ۾ حج لاءِ وڃون ۽ جيڪڏهن حج فرض نہ هجي ۽ الله پاڪ نفلي حج ڪرڻ جي طاقت ڏني هجي تہ اي ڪاش! بار بار وڃون.

شَرَف دے حج کا مجھے میرے کبریا یَارَبّ! | روانہ سُوئے مدینہ ہو قافِلہ یَارَبّ!
دِکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی | بس اُن کے جلووَں میں آجائے پھر قضا یَارَبّ!
بَوقتِ نَزع سلامت رہے مِرا ایماں | مجھے نصیب ہو توبہ ہے اِلتجا یَارَبّ! (1)

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:87ملتقطاً۔

الله پاڪ اُن معذور حاجيءَ جي صدقي اسان کي بہ حج جو شوق نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## حج ڪرڻ جي فضائل تي احاديثِ مبارڪ

**(1):** بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْعُمْرَةُ اِلَى الْعُمْرَةِ كَفَّارَةٌ لِّمَا بَيْنَهُمَا هڪ عمرو، ٻئي عمري تائين، ڪيل گناهن جو ڪفارو آهي وَالحَجُّ الْمَبْرُوْرُ لَيْسَ لَهٗ جَزَاءٌ اِلَّا الْجَنَّةُ ۽ مقبول حج جي جزا صرف ۽ صرف جنت آهي.[1] **(2):** مسلم شريف جي حديث پاڪ آهي، نبيءِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ الْحَجَّ يَهْدِمُ مَا كَانَ قَبْلَهٗ بيشڪ حج اڳين گناهن کي معاف ڪرائي ڇڏيندو آهي.[2]

بڑا حجّ پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آئے گا کب یاالٰہی!
مَیں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یاالٰہی! (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج الله پاڪ جي لاءِ آهي...!!

هيءَ ڳالهہ ياد رکو تہ حج معمولي عبادت نہ آهي پر اِهو سفرِ عشق آهي، هِن ۾ اول کان آخر تائين عشق ئي عشق جو اظهار آهي. اوهان غور فرمايو! الله پاڪ بين بہ ڪيترين ئي عبادتن جو حڪم ڏنو آهي پر جڏهن حج جو حڪم

---

[1] بخاری، کتاب العمرۃ، صفحہ:475، حدیث:1773۔
2…مسلم، کتاب الایمان، باب کون الاسلام یہدم، صفحہ:63، حدیث:121۔
3…وسائلِ بخشش، صفحہ:107۔

ڏنو تہ ان جو انداز ئي نرالو رکيو ◈ نماز جو حڪم ڏيندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ (سيپارو:1، سورة بقرة: 43) | ترجموڪنزالعرفان: نماز قائم ڪيو. |

◈ زڪوات جو حڪم ڏيندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| اٰتُوا الزَّكٰوةَ (سيپارو:1، سورة بقرة: 43) | ترجموڪنزالعرفان: زڪوٰة ادا ڪريو |

◈ روزي جو حڪم ڏنو تہ فرمايو:

| | |
|---|---|
| كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ (سيپارو: 2، سورة بقرة: 183) | ترجموڪنزالعرفان: توهان تي روزا فرض ڪيا ويا |

پر قربان وڃجي! جڏهن حج جو حڪم ڏنو ويو تہ اهو نہ فرمايو ويو تہ حج ڪريو! پر فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| وَلِلّٰهِ (سيپارو: 4، سورة آل عمران: 97) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جي لاءِ |

الله پاڪ جي لاءِ ڇا آهي؟

| | |
|---|---|
| عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ (سيپارو: 4، سورة آل عمران: 97) | ترجموڪنزالعرفان: ماڻهن تي هن گهر جو حج ڪرڻ فرض آهي |

سُبْحٰنَ الله! هن حڪم جي ابتدا ڪهڙي لفظ سان ٿي: لِلّٰهِ الله جي لاءِ آهي ◈ نماز بہ الله پاڪ جي لاءِ پڙهي ويندي آهي ◈ روزو بہ الله پاڪ جي لاءِ

رکيو ويندو آهي ◈ زڪوات بہ الله پاڪ جي لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي پر حج ۾ جيئن تہ عشق جو غلبو آهي، هتي بندگيءَ جو غلبو آهي، تنهنڪري فرمايو ويو:

وَلِلّٰهِ (سيپارو: 4، سورة آل عمران: 97) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جي لاءِ

يعني جيئن تہ هُو الله آهي ۽ توهان سندس ٻانها آهيو، حڪمت سمجهہ ۾ اچي يا نہ اچي، الله پاڪ فرمايو آهي، بس ديوانگي سان اُٿو ۽ حج جي لاءِ نڪري پئو...!![1]

## حاجين جي عشق جي اظهار جو انداز

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي...!! اوهان ڏسو تہ ◈ اهو ئي شخص جيڪو ڪپڙا سبرائڻ تي هزارين رپيا خرچ ڪندو آهي، ٿورو لباس ۾ گهُنج اچي وڃي تہ سندس مزو خراب ٿي ويندو آهي، اهو ئي شخص سِبيل لباس لاهي بہ ڪفن جهڙيون چادرون پائي رهيو آهي. جڏهن ڪانئس پڇيو ويندو آهي تہ اي پياءُ...!! ائين ڇو ڪري رهيو آهين؟ سِبيل لباس ڇو لاهي ڇڏيو اٿئي؟ تہ جواب ملندو آهي:

## لِلّٰهِ، الله پاڪ جي لاءِ ائين ڪري رهيو آهيان

◈ جيڪو صبح شام خوشبو لڳائيندو هو، هزارين رپين جا ماهوار عطر (*Perfumes*) خريد ڪندو هو، بار بار صابڻ (*Soap*)سان هٿ ڌوئيندو رهندو هو، هاڻي خوشبودار شيءِ کي هٿ بہ نہ ٿو لڳائي. اي پياءُ! ڇو؟ خوشبو لڳائڻ

[1] تفسير ڪبير، پاره:4، سورة آلِ عمران، زيرِ آيت:95، جلد:3، صفحہ:306۔

سان ڇا ٿيندو؟ ڇو ائين ڪري رهيو آهين؟ جواب ملندو آهي:

**لِلّٰهِ، يعني مان ڪجهه نه ٿو ڄاڻان، بس جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهيان، الله پاڪ جي لاءِ ڪري رهيو آهيان**

◈ جنهن جو وارَن ناهڻ جو اسٽائيل (*Hairstyle*) ئي هزارن جو هو، وارَ ڪٽرائڻ تي جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳائي ڇڏيندو هو، هاڻي ڦٽِي به نه ڏئي رهيو آهي ته مٿان وارَ نه ٿُٽِي پون. ڇو؟

**لِلّٰهِ، الله پاڪ جو حڪم آهي**

◈ ميدانِ عرفات ۾ پهچي ويا، اُتي ڇا ڪيو؟ بس دعائون گهريون، ٻيو ڪجهه به نه ڪيو ◈ مزدلفه ۾ پهتا، اتي ڇا ڪيو؟ ڪجهه به نه، کليل ميدان ۾ رات گذاري، فجر جي نماز پڙهي، دعائون گهريون ۽ هلي پيا! ◈ مِنيٰ پهتا، جمرات (يعني پٿر جا جيڪي مينار) ٺهيل آهن، انهن کي پٿريون هڻي ڇڏيون! ◈ روز شيمپو (*Shampo*)لڳائي وار وَڌايا هئا، نرم ۽ ملائم هئا، هِتي اچي حلق ڪرائي ڇڏيو ◈ ڪعبو شريف جنهن جي باري ۾ هر مسلمان جو عقيدو آهي ته هتي الله پاڪ رهندو نه آهي، هُو ته جسم کان پاڪ آهي، مڪان کان پاڪ آهي، ان جي باوجود هن پٿر جي گهر جي چوڌاري ڦِري رهيا آهن؟ اي ڀاءُ! هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ڇو ڪري رهيا آهيو؟ الله پاڪ ته هر جاءِ تي ٻڌندو آهي، پوءِ دعائون گهرڻ لاءِ عرفات ئي ڇو آيا آهيو؟ ڇو هِي ديوانن جهڙو حليو اپنايو تا ...؟ هنن ڪمن جي لاءِ لکين رپيا ڇو خرچ ڪيا؟ جواب هڪ ئي ملندو آهي:

لِلّٰهِ، مان ٻانهو آهيان، اهو منهنجو الله پاڪ آهي، بس ان فرمايو ۽ مان شروع ٿي ويس.

میں ہوں بندہ، وہ مولیٰ | کون ہے اپنا اُس کے سِوا
میں ہُوں اس کا وہ ہے مرا | جس نے بنایا اور پالا
لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ آمَنَّا بِرَسُولِ اللهِ [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش! مَتي سان هَلي اچان ها

حضرت عبد الله بن مسروق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خليفي هارون الرشيد جا وزير (*Minister*) هئا. هڪ عرصو دنيا داري ۾ گذاريائون، پوءِ الله پاڪ کين توبهه جي توفيق عطا فرمائي ته پاڻ دنيا داري کان ڪنارو ڪري ڇڏيائون، پوين سيني گناهن کان توبهه ڪيائون ۽ پيدل ئي حج لاءِ روانا ٿي ويا. پراڻو دور هو، گاڏيون ۽ هوائي جهاز ته نه هئا، تنهنڪري پيادل ئي ايترو ڏکھو سفر ڪيائون، جهنگلن مان گذريا، ميدانن مان گذريا، وارَ متي هاڻا ٿي ويا، ظاهري حليو تبديل ٿي ويو.

هيڏانهن مڪي وارن کي جڏهن خبر پئي ته وزير صاحب (*Minister Sahib*) حج لاءِ اچي رهيا آهن، ظاهر آهي وزارت جو عهدو (*Ministry post*)ڪو ننڍو عهدو ته نه هوندو آهي، تنهنڪري مڪي جا وڏا وڏا عهديدار سندن استقبال لاءِ آيا، جڏهن وزير صاحب تي انهن جي نظر پئي ته ڏٺائون ته سندن وارَ وِکريل آهن، چهرو متي سان پريل آهي، سمورو حليو ئي تبديل ٿي ويو آهي ته وڏن وڏن عهديدارن تعجب سان ڪانئن پڇيو: توهان مسڪينن جهڙو حليو بڻائي

[1] سامانِ بخشش، صفحہ:35۔

بغير جوتن جي جهنگلن ۽ ميدانن ۾ پيدل سفر چو فرمايو؟ هاڻي توبهه ڪرڻ واري اڳوڻي وزير صاحب جو عشق ڀريو جواب ٻڌو! فرمايائون: توهان ٻڌايو ته جڏهن هڪ ٻانهو پنهنجي مولا جي دروازي تي حاضري ڏئي، ته ان وقت سندس حالت ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ مان ته پيدل هلندي حاضر ٿيو آهيان، حق ته اِهو هو ته مٿي سان هلي اچان ها.[1]

حرم کی زمیں اور قدم رکھ کے چلنا | اَرے سَر کا مَوقع ہے او جانے والے [2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان کي به اهڙي عشق ۽ مستيءَ سان ڀرپور، ايمان افروز حج ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

## حج ڪيو، گناهه چو نه ڇڏيو...؟

هڪ ڀيري هڪ شخص عظيم وليُّ الله حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ (سلام دعا کان پوءِ) پڇيو: ڪٿان کان آيا آهيو؟ عرض ڪيائين: حج ڪرڻ ويو هئس، اتان ئي آيو آهيان. فرمايائون: حج ڪري ورتو؟ چيائين: جي ها! ڪري ورتو. هاڻي پاڻ ڪيس حج جا باطني راز سمجهائيندي ڪجهه سوال ڪيا، فرمايائون: ◈جڏهن گهر کان روانا ٿيا هئا، تڏهن گناهه به ڇڏي ڏنا هئا؟ چوڻ لڳو: نه، ائين ته نه ٿيو. فرمايائون: پوءِ ته توهان گهر کان ئي روانا نه ٿيا. ◈وڌيڪ پڇيائون: جڏهن ميقات تان اِحرام ٻڌو هو ۽ سُبيل ڪپڙا لاٿا هئا، تڏهن بشري صفتون (مثلاً ڪاوڙ، ڪينو، حرص، حسد وغيره) به لاٿيون هيون يا نه؟ چيائين: جي! ائين ته نه ڪري

[1] البحر العميق، الباب الثانی...الخ، الفصل الثانی...الخ، صفحہ:319۔
[2] حدائقِ بخشش، صفحہ:158۔

سگهيس. فرمايائون: پوءِ اجا تائين توهان (صحيح معنيٰ ۾) اِحرام بہ نہ ٻڌو آهي. وڌيڪ پڇيائون: جڏهن ميدانِ عرفات ۾ وقوف ڪيو هو(يعني ترسيا هئا)، تڏهن عبادت ۾ ڪوشش تي بہ جمي ويا هئا يا نہ؟ چيائين: ائين بہ نہ ڪري سگهيس. فرمايائون: اجا (صحيح معنيٰ ۾) وقوفِ عرفات بہ نہ ٿيو. ◈ وڌيڪ پڇيائون: جڏهن مزدلفہ ۾ پهتا تہ ڇا نفساني خواهشن کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو؟ چيائين: ائين بہ نہ ٿي سگهيو. فرمايائون: اجا (صحيح معنيٰ ۾) مزدلفہ جو قيام بہ نہ ٿيو. ◈ پاڻ وڌيڪ سوال ڪيائون: جڏهن ڪعبي جو طواف ڪيو هو تہ ڇا (دل جي اک سان) الله پاڪ جي لطف ۽ ڪرم جي برسات بہ ڏٺي هئي؟ چيائين: نہ. فرمايائون: پوءِ تہ (صحيح معنيٰ ۾) طواف بہ نہ ٿيو. وڌيڪ فرمايائون: جڏهن منيٰ ۾ قرباني ڪئي هئي، تہ ڇا نفسِ اماره کي بہ قربان ڪري ڇڏيو هو؟ چيائين: نہ. فرمايائون: (صحيح معنيٰ ۾) قرباني بہ نہ ٿي. ◈ آخري سوال ڪندي فرمايائون: جڏهن جمرات (يعني شيطانن) تي پٿريون هنيون هيون، تہ ڇا ان سان گڏ پنهنجيون نفساني خواهشون بہ اڇلائي ڇڏيون هيون يا نہ؟ عرض ڪيائين: افسوس! اهو بہ نہ ڪري سگهيس. فرمايائون: (صحيح معنيٰ ۾) رمي بہ نہ ٿي. **افسوس! توهان صحيح معنيٰ ۾ حج ادا نہ ڪيو، وڃو! انهن صفتن سان گڏ پيهر حج ڪريو.**[1]

تُو نے مجھ کو حج پہ بُلایا یااللہ! مری جھولی بھر دے
گِردِ کعبہ خُوب پھرایا یااللہ! مری جھولی بھر دے
میدانِ عرفات دِکھایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

[1]كشف المحجوب، كشف الحجاب الثامن...الخ، صفحہ:390-391۔

بخش دے ہر حاجی کو خُدایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

مولیٰ مجھ کو نیک بنا دے اپنی اُلفت دِل میں بسا دے

بہرِ صفا و بہرِ مروَہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

نارِ جہنّم سے تُو بچانا خُلدِ بریں میں مجھ کو بسانا

یاربّ! از پئے شاہِ مدینہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

میں ہُوں بندہ تُو ہے مولیٰ تُو ہے قادِر، میں ناکارہ

میں منگتا تُو دینے والا یااللہ! مری جھولی بھر دے

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت کر دے عطا اِخلاص کی نعمت

مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا یااللہ! مری جھولی بھر دے

بخش دے میری ساری خطائیں کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں

برسا دے رحمت کی برکھا یااللہ! مری جھولی بھر دے( 1 )

تُو نے مجھ کو حج پہ بُلایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

گِردِ کعبہ خُوب پِھرایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

میدانِ عرفات دِکھایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

بخش دے ہر حاجی کو خُدایا یااللہ! مری جھولی بھر دے

---

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:121-123 ملتقطاً۔

مولیٰ مجھ کو نیک بنا دے اپنی اُلفت دِل میں بسا دے
بہرِ صفا و بہرِ مروَہ یااللہ! مری جھولی بھر دے
نارِ جہنّم سے تُو بچانا خُلدِ برِیں میں مجھ کو بسانا
یاربّ! از پئے شاہِ مدینہ یااللہ! مری جھولی بھر دے
میں ہُوں بندہ تُو ہے مولیٰ تُو ہے قادِر، میں ناکارہ
میں منگتا تُو دینے والا یااللہ! مری جھولی بھر دے
دے حُسنِ اَخلاق کی دولت کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا یااللہ! مری جھولی بھر دے
بخش دے میری ساری خطائیں کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں
برسا دے رحمت کی برکھا یااللہ! مری جھولی بھر دے(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خُود پَسندي کان بچڻ ضروري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! وليءِ ڪامل حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪيڏي نہ سهڻي انداز ۾ حج ڪري واپس اچڻ واري جو ذهن بڻايو، عام طور تي جڏهن سفرِ حج يا سفرِ عمره کان واپسي ٿيندي آهي تہ شيطان لشڪر ساڻ ڪري پهچي ويندو آهي ۽ خود پسندي جا ڄارَ وڇائي ڇڏيندو آهي ◈ دل ۾ خواهش

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:121-123 ملتقطاً۔

پيدا ٿيندي آهي تہ مون کي هارَ پارايا وڃن ◈ ماڻهو اڳتي وڌي مون کي مبارڪون ڏين ◈ منهنجا هٿ چُمن ◈ مون کان دعائون ڪرائن ◈ دل چاهيندي آهي تہ مان سيني کي ٻڌايان تہ مان حج يا عمري جي سعادت ماڻي واپس آيو آهيان.

مان اِهو نہ ٿو چوان تہ دل ۾ اهڙي قسم جا جذبا يا خواهشون پيدا ٿيڻ گناهہ آهي، پر! اهڙي طرح دل للچائڻ خطرناڪ ضرور آهي، ان جي سبب انسان خود پسندي ۽ رياڪاري جي گناهہ ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. اُن ڪري حضرت جنيد بغدادي رَحمةُاللهِعَلَيْه حج ڪري واپس اچڻ واري شخص جو ذهن ٺاهيو تہ ياءُ...!! اسان ڪتي! ۽ حقيقي حج ڪتي ...!! تنهنڪري پاڻ کي **حاجي** سمجهي خود پسندي ۾ مبتلا ٿيڻ بدران پنهنجين ڪوتاهين تي روئڻ بهتر آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ۠﴿۳۲﴾ (سيپارو:27، سورة نجم: 32)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ توهان پاڻ پنهنجي جانين جي پاڪيزگي بيان نہ ڪيو، اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪو پرهيزگار ٿيو.

معلوم ٿيو تہ پنهنجي واتان پنهنجي تعريف نہ ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن نيڪي ڪرڻ جي سعادت ملي وڃي تہ هاڻي ان جي قبوليت جي فڪر ۾ لڳي وڃڻ گهرجي.

## ڪاش! اهڙي حج جي سعادت مِلي وڃي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت جنيد بغدادي رَحمةُاللهِعَلَيْه سوالن جي صورت ۾ هن

سفر جي باطني آدابن جو ڪيڏو نہ پيارو نقشو پيش ڪيو آهي...!! ◈ ماڻهو جڏهن حج جي ارادي سان گهر کان نڪري تہ گناهن پريون عادتون بہ مڪمل طور ڇڏي ڏي ◈ سِبيل ڪپڙا لاهي جڏهن ڪفن جهڙيون 2 چادرون (يعني احرام) ٻڌي تہ ساڳي وقت غصو، حرص، ڪينو، بغض، حسد وغيره باطني بيماريون بہ دل مان ڪڍي اڇلائي ڇڏي ◈ ميدانِ عرفات ۾ ترسي تہ عبادت تي خوب ڄميل رهي ◈ قرباني ڪري تہ اُن وقت نفسِ اماره کي بہ قربان ڪري ڇڏي ◈ شيطان ڏانهن پٿريون اڇلي تہ ان وقت نفساني خواهشن کي بہ ڦِٽو ڪري ڇڏي ◈ ۽ جڏهن طواف ڪري تہ ...!! سُبْحٰنَ الله! محبتِ الٰهي ۾ گم ٿي، الله پاڪ جي لطف و ڪرم تي نظرون ڄمائي، پنهنجي گناهن تي روئيندو، رحمت ۽ بخشش حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپندو، ان جي خفيہ تدبير کان ڏڄندو، ڪعبي شريف کي شمع سمجهي پرواني جيان ان جي چوڌاري چڪر لڳائي، دل محبتِ الٰهي سان لُڇي رهي هجي، اکين مان ڳوڙهن جي برسات جاري هجي...!! الله! الله! جيڪڏهن اهڙو حج يا عمرو ڪرڻ نصيب ٿي وڃي تہ ان جي ڳالهہ ئي نرالي آهي ...!!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سفرِ حج ۾ گناهن کان بچو!

هاءِ! افسوس! اڄڪلهہ حالتون تمام نازڪ آهن، سفرِ حج يا سفرِ عمره ۾ بہ گناهن جي ڀرمار ڏسڻ ۾ ايندي آهي، سمورا حاجي اهڙا هجن، اهو ضروري ناهي، پر! ◈ هڪ تعداد آهي جن جون سفرِ حج ۾ بہ نمازون قضا ٿي رهيون هونديون آهن ◈ بلڪ هڪ وڏو تعداد اهڙن جو بہ هوندو، جن

ڪي اهو به معلوم نہ هوندو تہ جهاز ۾ نماز جو وقت ٿي وڃي تہ نماز ڪيئن پڙهجي؟ ◈ ايئرپورٽ (*Airport*) تي انتظار ڪندي ڪندي ويني ويني نماز جو وقت گذري ويندو آهي، ڪيترن کي خيال بہ نہ ايندو آهي ◈ جِده ايئرپورٽ (*Airport*) تي لهڻ کان پوءِ گاڏي ۾ ويهڻو هوندو آهي، اتي نڪرڻ جي جلدي هوندي آهي تہ ڪٿي بس نہ هلي وڃي، پنهنجي بس ڳولڻ ۾ وقت لڳندو آهي، افراتفري جو عالَم هوندو آهي، اهڙي حالت ۾ نماز جو وقت گذري ويندو آهي ۽ احساس بہ نہ ٿيندو آهي ◈ مڪي پاڪ پهچي هوٽل تي پهچڻ ۽ ڪمري ۾ سامان رکڻ جي جلدي هوندي آهي، پوءِ وڃي ذهن ٻڌجندو آهي تہ هاڻي سامان وغيره رکي فارغ ٿي وٺون تہ پوءِ حرم شريف پهچي نمازون شروع ڪنداسين.

الله پاڪ جي پناهہ! پيارا اسلامي ڀائرو! هي مان حقيقت تي ٻڌل ڳالهيون عرض ڪري رهيو آهيان، يقيناً سڀ حاجي اهڙا نہ هوندا، سيئي عمرو ڪرڻ وارا بہ اهڙا نہ هوندا آهن، اَلْحَمْدُلله! هڪ کان هڪ نيڪ، عبادت گذار، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون گهمنڊڙ ڦرنڊڙ تصويرون بہ مڪي ۽ مديني ۾ نظر ايندڀون، پر حج جي اجتماع ۾ تہ هزارين اولياءِ ڪرام بلڪ انبياءِ ڪرام يعني حضرت خضر ۽ حضرت الياس عليهما السلام بہ هر سال حج ڪندا آهن. الله پاڪ! اسان کي بہ انهن جو فيضان نصيب فرمائي.

پر! جن جو مان ذڪر ڪري رهيو آهيان، يعني سفرِ حج ۾ نمازون قضا ڪرڻ وارا، انهن جو بہ هڪ تعداد هوندو آهي ◈ پوءِ غيبتون ◈ غصي جو اجايو اظهار ◈ ڪجهہ نادان تہ هِن مقدس سفر ۾ بہ گاريون ڏيڻ کان باز نہ

ايندا آهن ◈ ڪڏهن جهاز ليٽ (*Late*)ٿي وڃڻ تي انتظاميا تي چوهه چنديندا آهن ◈ ڪڏهن هوٽل (*Hotel*) جي ڪمري جو انتظام ٿورو ڪمزور هئڻ تي هوٽل وارن کي گاريون ڏيندا آهن ◈ مَطَاف شريف ۾(جتي طواف ڪيو ويندو آهي)، عين ڪعبي جي سامهون بہ ڪجهہ حاجي ابتيون سبتيون حرڪتون ڪري رهيا هوندا آهن ◈ حجرِ اسود کي چمڻ لاءِ اهڙي تہ ڌِڪ ڌِڪان ٿيندي آهي، هُن کي لَتَ، هُن کي ڌِڪو، ٻانهن جا حق اهڙي طرح ضايع ٿيندا آهن جو بس الله پاڪ جي پناهہ ...!!

اي عاشقانِ رسول! ياد رکو! حج سفرِ عشق آهي، هتي تہ عشق جو ئي غلبو هئڻ گهرجي. اُهو ڪهڙو نہ حسين منظر هوندو جو ماڻهو الله پاڪ جي لطف ۽ ڪرم تي نظرون ڄمائي، پنهنجن گناهن ۽ ڪوتاهين کي نظر ۾ رکي روئندو روئندو، شرم ۽ ندامت وِچان لَڄِي ٿيندو، سِرُ جهڪائي ادب سان مڪي پاڪ پهچي ۽ روئندو، سڏڪندو حج جا اعمال ادا ڪندو، پنهنجي گناهن جي معافي گهرندو، الله پاڪ جي رحمت ۾ اميد رکي واپس موٽي اچي.

جُرْم و عصياں پہ اپنے لجاتا ہوا اَور اشکِ ندامت بہاتا ہوا

تیری رحمت پہ نظریں جماتا ہوا، در پہ حاضِر یہ تیرا گنہگار ہے [1]

## حج قبول ٿيڻ جون 3 شرطون

حضرت علامہ مفتي امجد علي اعظمي رَحمۃُاللہِعَلَیْہ فرمائن ٿا: حج قبول ٿيڻ جون 3 شرطون آهن، جيڪي قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيون آهن، ارشاد ٿئي ٿو:

[1] بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:1060، حصہ:6۔

اَلۡحَجُّ اَشۡهُرٌ مَّعۡلُوۡمٰتٌ ۚ فَمَنۡ فَرَضَ فِيۡهِنَّ الۡحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوۡقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الۡحَجِّ ؕ (سيپارو: 2، سورة بقرة: 197)

ترجموڪنزالعرفان: حج ڪجهه معلوم مهينا آهن تہ جيڪو ان ۾ حج جي نيت ڪري تہ حج ۾ نہ عورتن جي سامهون همبستري جو تذڪرو ٿئي ۽ نہ ڪو گناهہ ٿئي ۽ نہ ڪنهن سان جهيڳڙو ٿئي.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ٽن ڳالهين کان منع ڪيو ويو آهي: (1): رَفَث (يعني فحش ۽ گنديون ڳالهيون) (2): فُسُوق (يعني گناهہ) ۽ (3): جِدال (يعني لڙائي جهيڳڙو). هي ٽئي ڪم عام ڏينهن ۾، پنهنجي گهر ۾، محلي ۾، دوستن جي محفل ۾، مطلب تہ هر هنڌ تي منع آهن پر حج جيئن تہ هڪ اهم عبادت آهي، مڪو پاڪ حرم شريف آهي، ٻانهو احرام ٻڌي، لَبَّيۡك اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡك چئي خاص طور الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري جو عزم ڪري چڪو آهي، تنهنڪري اُن وقت هنن ٽنهي ڳالهين کان بچڻ انتهائي ضروري ٿي ويندو آهي.

## گناهن کان پاڪ حج جي فضيلت

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنۡ حَجَّ لِلّٰهِ وَلَمۡ يَرۡفُثۡ، وَلَمۡ يَفۡسُقۡ رَجَعَ كَيَوۡمِ وَلَدَتۡهُ أُمُّهُ

ترجمو: جنهن الله پاڪ جي لاءِ حج ڪيو ۽ ان دوران گندين ڳالهين ۽ گناهن کان بچندو رهيو، اُهو اهڙو پاڪ ٿي موٽيو جڻ اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن گناهن کان محفوظ رَهِي، نيڪين سان ڀرپور سفرِ حج هجي تہ سيني گناهن جي بخشش

[1] بخاری، کتاب الحج، باب فضل الحج المبرور، صفحہ:423، حدیث:1521۔

ٿي ويندي آهي. هتي هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته حج جي صدقي جيتوڻيڪ ڪبيره گناهه به معاف ٿي ويندا آهن، پر! انهن جي تلافي جي ذميواري پوءِ به باقي رهندي آهي، مثال طور نماز قضا ڪرڻ ڪبيره گناهه آهي، حج جي صدقي اِهو گناهه ته معاف ٿي ويندو پر قضا ٿي ويل نماز پوءِ به پڑهڻي پوندي.

يا خدا! حج پہ بُلا آکے میں کعبہ دیکھوں | کاش!اِک بار میں پھر میٹھا مدینہ دیکھوں
پھر مُیَسَّر ہو مجھے کاش وُقُوفِ عَرَفات | جلوہ میں مُزدلِفہ اور مِنٰی کا دیکھوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج ۾ تقويٰ ضروري آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

وَ تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى٘ وَ اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ﴿۱۹۷﴾

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 197)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ثمر ساڻ کڻو پوءِ سڀ کان بهتر ثمر يقيناً پرهيزگاري آهي ۽ اي عقل وارؤ! مون کان ڊڄندا رهو.

هي حج جي سفر جو هڪ ادب ٻڌايو پيو وڃي ته سفرِ حج هجي يا سفرِ عمره هجي، ان لاءِ اسان کي ضروري سامان ساڻ کڻڻو آهي، ضروري خرچن جو انتظام ڪري هلڻو آهي، اِهو اڪثر ڪري ماڻهو ڪري رهيا هوندا آهن، وڏا وڏا ٿيلها خريد ڪيا ويندا آهن، هڪ هڪ شيءِ وڏي احتياط سان رکي ويندي آهي، سُئِي، ڌاڳو، سُرمو، ٿُوال، ننڍيون ننڍيون شيون به وڏي احتياط سان

رڪيون ويندڙيون آهن، صحيح آهي، اِهي رڪڻ گهرجن، سنت مان به اسان کي اِن جي ترغيب ملي ٿي پر هڪ ٻي شيءِ به آهي جيڪا هن سفر ۾ ساڻ رکڻي آهي، اها ڪهڙي آهي؟ فرمايو ويو:

فَاِنَّ خَيۡرَ الزَّادِ التَّقۡوٰى

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 197)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ سڀ کان بهتر ثمر يقيناً پرهيزگاري آهي.

بهترين زادِ راهه تقويٰ آهي. ◈ هي سفرِ عشق آهي، هي سفرِ محبت آهي ◈ هن سفر ۾ رِقت گهرجي، دل جي نرمي گهرجي ◈ جڏهن ڪعبي شريف تي نظر پوي ته اکين مان ڳوڙها ڪِرڻ شروع ٿي وڃن ◈ جڏهن طواف ڪري رهيا هجون ته الله پاڪ جي حضور حاضري جو تصور ذهن ۾ هجي ◈ دل عاجزي سان جهڪيل هجي ◈ اکين مان نِيرَ جاري هجن ◈ وِڪَ وِڪَ تي دل ۾ محبتِ الٰهي جوليون هڻي رهي هجي، هن سفر ۾ اِهي شيون ذوق کي وڌائڻ واريون آهن، هن مبارڪ سفر جون برڪتون ميڙيون ڪرڻ واريون آهن. اِهي ڪيئن ايندِيون؟ جڏهن دل ۾ تقويٰ هوندي ۽ ائين نه آهي ته جڏهن اسان جهاز ۾ ويهنداسين ته تقويٰ اسان جي جهولي ۾ وجهي ويندي، نه نه...!! اِها تقويٰ اسان کي پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻي آهي، پنهنجي گهر ۾ تقويٰ اختيار ڪرڻي آهي، عام زندگي ۾ تقويٰ اختيار ڪرڻي آهي، گناهن کان بچڻو آهي، نيڪيون ڪرڻيون آهن، ان جي برڪت سان دل ۾ رِقت ايندي، جڏهن سينو محبتِ الٰهي جو خزانو بڻجي ويندو ته پوءِ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضري جو لطف ئي نرالو هوندو. انهيءَ ڪري حج ۽ عمري جي تياري ڪري رهيا هجو ته زادِ راهه ۾ تقويٰ کي به لازمي شامل ڪريو ڇوته هِي بهترين زادِ سفر آهي.

## سفرِ حج ۾ موبائل جو استعمال

هڪ وڏي اهم ڳالهه جنهن کان سفرِ حج ۾ ته گهٽ ۾ گهٽ لازمي بچڻ گهرجي، اُها آهي: موبائل جو گهڻو استعمال ...!!

اللّٰہُ اکبر! ماڻهو حج ۽ عمري جي دوران ايتري ته موبائل استعمال ڪندا آهن جو بس الله پاڪ جي پناهه! ◈ عين ڪعبي شريف جي سامهون سيلفيون ڪڍي رهيا هوندا آهن ◈ مديني پاڪ ۾ سونهري ڄارين جي اڳيان موبائل جو استعمال ٿي رهيو هوندو آهي◈ نيتن تي ظاهر آهي حڪم نه ٿو لڳائي سگهجي پر! روضي پاڪ جي سامهون يا ڪعبي شريف جي آڏو ظاهري طور دعا وارو انداز اختيار ڪري، بناوٽي روئڻ جهڙي شڪل ناهي بيهندا آهن، وڊيوز (*Videos*) ناهيون وينديون آهن ۽ سوشل ميڊيا (*Social media*) وغيره تي اپلوڊ ڪيون وينديون آهن. نه ڄاڻ ان ۾ ڪهڙي نيت هوندي، جڏهن ته جتي دل مان گذرڻ وارن وسوسن جي خبر هجي، اُتي اهڙيون ڪوڙيون شڪليون ناهڻ سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ڪنهن ڪيڏو نه خوب چيو آهي:

دوست يه اِہتمامِ عکس کشی | اپنی ہستی سے نکل! مدینہ ہے

**وضاحت:** عڪس ڪشي: يعني تصوير ناهڻ. مطلب هي آهي ته اي دوست ...!! مديني پهچي به تصويرون، وڊيوز ۽ سيلفيون...!! هتي ته ديوانگي گهرجي! هتي ته انسان ائين هجي جو ڪيس پنهنجي خبر به نه رهي، اهڙو عشق ۾ بيخود ٿي وڃي. تنهنڪري هي مدينو آهي، هتي پنهنجي هستي کان پري ٿي وڃ! گنبذِ خضرا جي جلون ۾ اهڙو محو ٿي وڃ جو دنيا جَهان جي

ڪا خبر ئي نہ رهي.

آؤ اِک سجدہ کریں عالَمِ مدہوشی میں|لوگ کہتے ہیں کہ ساغَرؔ کو خُدا یاد نہیں

## نيڪن سان گڏ رهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي سفرِ حج جو ادب سيکاريو ويو تہ هن راهہ ۾ تقويٰ ساڻ کڻي وڃو! ان جو هڪ طريقو جيڪو سمجهہ ۾ اچي رهيو آهي، اُهو هي آهي تہ اسان اهلِ تقويٰ سان گڏ وڃون. جيڪي پاڻ نيڪيون ڪرڻ وارا هجن، گناهن کان بچڻ وارا هجن، بهتر آهي تہ جيڪي عاشقِ رسول عالم سڳورا هجن، انهن سان گڏ سفر ڪريون! ان جي برڪت سان علمِ دين بہ سکڻ لاءِ ملندو رهندو، گڏوگڏ گناهن کان بہ بچيا رهنداسين.

## ڪثرت سان روئڻ وارو حاجي

حضرت مُخَوَّل رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت بُهَيم عِجلي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه مون کي فرمايو: منهنجو حج جو ارادو آهي، ڪنهن کي منهنجو رفيقِ سفر بڻائي ڇڏيو! منهنجو هڪ پاڙيسري بہ حج تي وڃڻ وارو هو، مون ان پاڙيسري کي حضرت بُهيَم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو رفيق بڻائي ڇڏيو.

حضرت بُهيَم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه تمام نيڪ ۽ متقي بزرگ هئا، خوفِ خدا سبب تمام گهڻو روئيندا هئا، حضرت مُخَوَّل رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي پاڙيسري کي جڏهن سندن روئڻ جي باري ۾ خبر پئي تہ هُو مون وٽ آيو ۽ چيائين: مان حضرت بُهَيم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سان گڏ نہ ٿو وڃي سگهان، مون کي ڪنهن ٻئي جو رفيق بڻائي ڇڏيو! مون حيرت مان ڪانئس پڇيو: اسان جي پُوري شهر ۾

انهن جهڙو نيڪ ۽ بااخلاق شخص نہ هوندو...!! پوءِ تون سندن صحبت کان محرومي ڇو ٿو چاهين؟ پاڙيسريءَ وراڻيو: اُهي اڪثر روئيندا رهندا آهن، انهن سان منهنجو سفر خوشگوار نہ ٿي سگهندو. فرمائن ٿا تہ مون پنهنجي پاڙيسري کي سمجهايو تہ اُهي تمام سٺا بزرگ آهن، نيڪ آهن، تقويٰ وارا آهن، سندن صحبت تنهنجي لاءِ تمام گهڻو فائديمند ٿيندي. اِهو ٻڌي هُو انهن سان گڏ سفر ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

خير! سفر شروع ٿيو، حج جو قافلو مڪي پاڪ ڏانهن روانو ٿي ويو. جڏهن اُهي واپس موٽي آيا تہ مان پنهنجي پاڙيسري وٽ ويس، هُن منهنجو شڪريو ادا ڪندي چيو: الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي، مون حضرت بُهيم رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جهڙو ماڻهو ڪڏهن نہ ڏٺو آهي، مان مالدار آهيان، هُو غريب آهن، ان جي باوجود بہ هُو مون تي خرچ ڪندا هئا، هُو پِيرسن هئڻ باوجود نفلي روزا رکندا هئا، مون جهڙي ٻي روزائت جوان لاءِ کاڌو تيار ڪندا هئا ۽ منهنجي تمام گهڻي خدمت ڪندا هئا.

حضرت مُخَوَّل رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون ڪانئن پڇيو: اوهان حضرت بُهيم رحمۃُ اللّٰہِعليه جي روئڻ کان تمام گهڻو پريشان هئا، هاڻي اوهان جو ڇا خيال آهي؟ پاڙيسريءَ چيو: شروعات ۾ صرف مان ئي نہ پر ٻيا قافلي وارا بہ انهن جي گهڻي روئڻ کان گهبرائجي ويندا هئا، پر آهستي آهستي سندن صحبت جي برڪت سان اسان تي بہ رقّت طاري ٿيڻ لڳي، انهن سان گڏجي اسان بہ (خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ روئندا هئاسين. [1]

---

1...عيون الحكايات، الحكاية التاسعة و الخمسون...الخ، صفحه:81 ملخصاً۔

یادِ نبیِّ پاک میں روئے جو عمر بھر | مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج جي سفر جا بهترين ساٿي

هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت حاتمِ اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: مون کي سفرِ حج درپيش آهي، ڪو اهڙو همسفر ٻڌايو، جنهن جي صحبت جي برڪت مان فيض حاصل ڪندي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي سگهان. حضرت حاتمِ اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اي ڀاءُ! جيڪڏهن تون هم نشيني چاهين ٿو ته تلاوتِ قرآن جي هم نشيني اختيار ڪر...!! (1)

اِها بهترين همسفر آهي. ڪثرت سان تلاوت ڪريو، دل ۾ تقويٰ پيدا ٿيندي ◈ گناهن کان بچو، دل نرم ٿي ويندي ◈ نيڪين تي نيڪيون ڪريو، دل پاڪ ۽ صاف ٿي ويندي ◈ ڪثرت سان توبهه ڪريو، اِسْتِغْفَار جي ڪثرت ڪريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دل پاڪ صاف هوندي ته سفرِ حج جو لطف ٻيڻو ٿي ويندو.

## نيڪ اعمال جو رسالو ساڻ ڪٽو

آخر ۾ هڪ مشورو عرض ڪريان ٿو: شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حج ۽ عمري جو سفر نيڪين ۾ گذارڻ لاءِ نيڪ اعمال جو تحفو عطا فرمايو آهي: **19 نيڪ اعمال**- هي هڪ مختصر رسالو آهي. هِن ۾ **19 سوال** آهن. هر سوال جي هيٺان خالي خانا ڏنل آهن، روزانو اوهان کي هِي

---

1… بحر الدموع، صفحه:111۔

سوال پڙهي هيٺ ڏنل خانن ۾ ها يا نه جي صورت ۾ خانا پرڻا آهن. هي رسالو پاڻ سان گڏ رکو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! حج ۽ عمري جو سفر نيڪين ۾ گذرندو.

◈ ان کان علاوه جيڪي سفرِ حج ۽ عمري تي روانا نه ٿي رهيا آهن، انهن لاءِ به **72 نيڪ اعمال جو رسالو** آهي، اوهان هي رسالو پاڻ وٽ رکو! روزانو ان جا خانا پريندا رهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! نيڪ نمازي، سنو ۽ بااخلاق مسلمان بڻجڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

◈ سفرِ حج ۽ عمري وارن کي گهرجي ته اُتي مقدس مقامات تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ قرآن ڪريم مڪي ۾ ۽ هڪ قرآن ڪريم مديني ۾ ضرور ختم ڪن ◈ مڪي پاڪ ۽ مديني شريف ۾ نفلي روزا رکڻ جي سعادت ملي وڃي ته چا ڳالهه آهي، جو مڪي پاڪ ۾ هڪ نيڪي هڪ لک نيڪين جي برابر آهي[1] ◈ **10 ذوالحج** کان **13 ذوالحج** تائين **4 ڏينهن** جا روزا نه ٿا رکي سگهجن، ان کان سواءِ بين ڏينهن ۾ روزا رکي سگهجن ٿا.[2] طواف اهڙي نيڪي آهي ۽ اُها صرف اُتي ئي ڪري سگهجي ٿي، ڪنهن ٻئي هنڌ نه ٿي ڪري سگهجي. تنهنڪري حج جي ڏينهن کان علاوه جيترا ڏينهن به مڪي ۾ رهو، جيڪڏهن هن طرح جدول ٺاهيو ته ڏينهن جو روزو رکو ۽ آرام ڪريو ۽ رات جو عمرو ادا ڪريو، عمرو نه ڪري سگهو ته صرف نفلي طواف ئي ڪندا رهو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. اهڙي طرح جيڪڏهن مديني شريف ۾ به نفلي روزن جي سعادت ملي وڃي

---

[1] مسند بزار، جلد:11، صفحه:313، هديث:5119۔

[2] مسند ابى يعلى، جلد:3، صفحه:21، حديث:2915۔

تہ چا ڳالهہ آهي.

الله پاڪ وڃڻ وارن جو سفر قبول فرمائي. رهجي وڃڻ وارن کي ايندڙ سال سعادت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: شعبۂ حج و عمره

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي، عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم آهي، هن تنظيم تحت مسلمانن جي شرعي ۽ اخلاقي تربيت لاءِ ڪيترائي شعبا قائم ڪيا ويا آهن، انهن شعبن مان هڪ شعبو: **شعبۂ حج و عمره** بہ آهي.

هن شعبي جي ذريعي مختلف جاين تي مثلاً ◈ حاجي ڪيمپ ◈ مختلف ٽريول ايجنسين ◈ ۽ مسجدن وغيره ۾ حج ۽ عمري لاءِ وڃڻ وارن عاشقانِ رسول جي شرعي ۽ اخلاقي تربيت ڪئي ويندي آهي. صرف مارچ 2026ع ۾ 138 حج ۽ عمره تربيتي سيشنز(Sessions) ٿيا، جن ۾ لڳ ڀڳ 3 هزار 570 فردن شرڪت فرمائي. وڌيڪ هي تہ حَرَمَيْنِ طَيِّبَيْن جي خوش نصيب مسافرن جي تربيت لاءِ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِيَه جا لکيل ڪتاب رَفِيقُ الْحَرَمَيْن ۽ رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين بہ تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن تہ جيئن الله پاڪ جي گھر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عبادت کي بهترين طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

اَلحَمْدُلله! حج ۽ عمرو ڪرڻ وارن جي سهولت لاءِ آن لائن ڪورس ذريعي بہ تربيت حاصل ڪرڻ جي سهولت موجود آهي، لڳ ڀڳ هڪ مهيني جو **فيضانِ حج ۽ فيضانِ عمره** ڪورس ڪرايو ويندو آهي، جنهن ۾ حج ۽

عمري جا تفصيلي احڪام ۽ طريقو سيکاريو ويندو آهي.

## حج و عمره موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري ايپلي ڪيشن ***Hajj &Umrah*** (حج ۽ عمره) جي نالي سان جاري ڪئي آهي.

هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان ڄاڻي سگهو ٿا ◈ حج ۽ عمري جو مختصر طريقو ◈ حج ۽ عمري جا ضروري مسئلا ◈ حج ۽ عمري جون دعائون ◈ حرمين شريفين جي اهم زيارتن جي هنڌن جي معلومات ◈ ٿري ڊي وڊيوز (***3D Videos***) ذريعي حج ۽ عمري جو عملي طريقو. توهان به پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو! ان مان فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهه ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڊڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز ڪان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ

طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ **ديني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**دلجوئي ڪرڻ جون فضيلتون**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو!

◈ مڪتبةُ المدينہ هڪ اهم ڪتاب بنام "مخلوق جي خدمت جا فضائل" شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ توهان مخلوق جي خدمت جي اهميت، ضرورت، فضائل ۽ ان سان لاڳاپيل واقعا پڙهي سگهندا. هي ڪتاب مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 200 روپين جي عيوض طلب فرمايو. پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

◈ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي ديني ۽ فلاحي خدمتن ۾ مصروف آهي، اوهان کي گذارش آهي تہ انهن ڪمن ۾ دعوتِ اسلامي جو ڀرپور ساٿ ڏيو. قربانيءَ جا ڏينهن ويجهو آهن، الله پاڪ قرباني ڪندڙن جي قرباني قبول فرمائي! پنهنجي قربانيءَ جي جانورن جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو! ٿي سگهي تہ هاڻي کان ئي نيت فرمائي وٺو تہ اسان پنهنجي قربانيءَ جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏينداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

◈ شرعي تقاضن موجب قرباني ڪرائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيندڙ اجتماعي قربانيءَ ۾ پنهنجو حصو شامل فرمايو! ان لاءِ پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميوارن سان رابطو فرمايو. الله پاڪ اسان کي عمل جي

توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

◈ قربانيءَ جا تفصيلي احڪام سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد: 3، حصو: 15 ۽ اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 50 صفحن جو رسالو **”ابلق گهوڙي سوار“** خريد فرمايو ۽ ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِىۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِىۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِىۡ كَانَ مَعِىَ فِى الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اُٺ وانگر هڪ ئي ساهيءَ

1… مشڪوٰة،ڪتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

۾ نہ پيئو پر بہ يا ٽي پيرا (ساھي کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙھو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لله! چوندا ڪريو![1]

اي عاشقانِ رسول! پاڻي ھجي يا ڪا بي پيئڻ واري شيءِ ◈ پيئڻ کان اڳ بِسْمِ الله پڙھي ونو ◈ چُوسي چُوسي ننديا ننديا ڏُڪ پري پيئو، وڏا وڏا ڏُڪ پري پيئڻ سان جيري جي بيماري پيدا ٿيندي آھي ◈ پاڻي ٽن ساھِيُن ۾ پيئو ويھي ۽ ساڄي ھٿ سان پيئو ◈ لوٽي وغيره مان وضو ڪيو ھجي تہ ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آھي چوتہ اِھو آبِ زم زم شريف سان مشابھت رکي ٿو، انھن بنھي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ زم زم شريف) کان سواءِ ڪو بہ پاڻي بيھي پيئڻ مڪروھ آھي، ھِي ٻئي پاڻي قبلي رُخ ٿي، بيھي ڪري پيئو ◈ پيئڻ کان اڳ ڏسي ونو تہ پيئڻ واري شيءِ ۾ ڪا نقصانڪار شيءِ تہ نہ آھي ◈ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چئو ◈ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙھي پيئڻ شروع ڪريو، پھرين ساھِيءَ جي آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، ٻي ساھيءَ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْن ۽ ٽين ساھيءَ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم پڙھو. ھي ھڪ سنو عمل آھي، نہ بہ ڪيو تہ حرج نہ آھي ۽ شروعات ۾ بِسْمِ الله ۽ آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ سان بہ سنت ادا ٿي ويندي ◈ گلاس ۾ بچيل مسلمان جي صاف سٿري جُوٺي پاڻي کي قابلِ استعمال ھئڻ جي باوجود بيڪار سمجھي اڇلائڻ نہ گھرجي ◈ منقول آھي: سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي جُوٺي ۾ شِفا آھي ◈ پيئڻ کان پوءِ ٿوري دير بعد خالي گلاس کي ڏسندؤ تہ ان جي پيٽين تان وھي ڪجھ ڦڙا

[1]ترمذی، کتاب الاشربۃ، صفحہ:464، حدیث:1885۔

تري ۾ گڏ تي ويا هوندا، انهن کي به پِي چڏيو.[1]

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهارشريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

| | |
|---|---|
| آؤ بھائی! قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنتیں سیکھیں گے اِس میں ان شاءاللہ سربسر |
| مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار | سُنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار[2] |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1…550 سنتیں اور آداب، صفحہ:16۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:635۔